هفتيوار رسالو

امير اهلسنت جو تقريباً 34 سال اڳ (1992) جو بيان

# فضائلِ اهلِ بيت



- اهلِ بيت مان ڪير مراد آهن؟
- خشڪ وڻ تي تازيون ڪجورون
- پنجويھ پيرا پيادل حج
- عقيدت جي اظهار جو بهترين ذريعو

شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: فَضائلِ اهلِ بيت

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلام و مولانـا محمـد الياس عطـار قـادري

# فَضائلِ اهلِ بيت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# فَضائلِ اهلِ بيت

**دعاءِ عطار:** ياربِ مصطفيٰ جيڪو بہ **هي** رسالو ”فضائلِ اهلِ بيت“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي فيضانِ اهل بيتِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان خوب مالامال فرماءِ ۽ ان جي ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب بخشش فرماءِ. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ اَنس بن مالڪ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ نبيِ ڪريم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: اِذَا نَسِيۡتُمۡ شَيۡئًا فَصَلُّوۡا عَلَيَّ تَذۡكُرُوۡهُ اِنۡ شَآءَ الله يعني جڏهن توهان ڪا شيءِ ڀلجي وڃو تہ مون تي درود شريف پڙهو، اِن شاءَالله ياد اچي ويندي. (القول البديع، ص 427،حديث:53)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! محرم شريف هڪ مقدس ۽ حرمت وارو مهينو آهي ۽ ان جي 10 تاريخ تي ڪيترائي تاريخي واقعا پيش آيا، خاص طور تي سن 61 هجري ۾ عاشوري جي ڏينهن تمام گهڻو خوني ۽ افسوسناڪ واقعو پيش آيو. اسان وٽ عاشوري جي ڏينهن جي يادگار طور ماڻهو تمام گهڻو ملهائيندا آهن ۽ نذر و نياز جي ذريعي اهلِ بيتِ اطهار لاءِ خصوصي ايصالِ ثواب جو اهتمام ڪندا

آهن. اهلِ بيتِ اطهار جي شان کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مسجدن ۾ محفلن جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. اهلِ بيتِ اطهار جي شان جي چا ڳالهه ڪجي! اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رحمۃُاللہِعلیہ جي ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رَحمَۃُاللہِعَلَیْہ اهلِ بيت جي شان ۾ هڪ تمام پياري منقبت لکي آهي، جيڪا مون کي تمام گهڻي پسند آهي، ڇوته سندن ڪلام شريعت جي بلڪل مطابق هوندو آهي. حصولِ برڪت لاءِ اُن منقبت جا ڪجهه اشعار پيشِ خدمت آهن:

باغ جنّت کے ہیں بہرِ مدح خوانِ اہلِ بیت — تم کو مُژدہ نار کا اے دُشمنانِ اہلِ بیت

ان کی پاکی کا خدائے پاک کرتا ہے بیاں — آیۂ تطہیر سے ظاہر ہے شانِ اہلِ بیت

ان کے گھر میں بے اِجازت جبرئیل آتے نہیں — قدر والے جانتے ہیں قدر و شانِ اہلِ بیت

رَزم کا میداں بنا ہے جلوہ گاہِ حُسن و عشق — کربلا میں ہو رہا ہے اِمتحانِ اہلِ بیت

اے شبابِ فَصلِ گُل یہ چل گئی کیسی ہوا — کَٹ رہا ہے لہلہاتا بُوستانِ اہلِ بیت

کس شَقی کی ہے حکومت ہائے کیا اندھیر ہے! — دن دِہاڑے لُٹ رہا ہے کاروانِ اہلِ بیت

خُشک ہو جا خاک ہو کر خاک میں مِل جا فُرات — خاک تجھ پر دیکھ تو سُوکھی زبانِ اہلِ بیت

تیری قدرت جانور تک آب سے سیر اب ہوں — پیاس کی شدت سے تڑپے بے زبانِ اہلِ بیت

فاطمہ کے لاڈلے کا آخری دیدار ہے — حَشر کا ہَنگامہ برپا ہے مِیانِ اہلِ بیت

وقتِ رخصت کہہ رہا ہے خاک میں مِلتا سُہاگ — لو سلامِ آخری اے بیو گانِ اہلِ بیت

بے ادب گستاخ فرقہ کو سنا دے اے حسن! — یوں کہا کرتے ہیں سُنّی داستانِ اہلِ بیت

(ذوقِ نعت،ص100-103)

اي عاشقانِ اهلِ بيت! الله پاڪ قرآنِ عظيم ۾ اهلِ بيتِ اطهار جي تعريف فرمائي ۽ انهن جي شان ۾ هي آيتِ مبارڪ نازل فرمائي:

اِنَّمَا یُرِیْدُ اللّٰهُ لِیُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَیْتِ وَ یُطَهِّرَكُمْ تَطْهِیْرًا

(پارو:22، سورة الاحزاب: 33)

ترجموڪنزالعرفان: اي نبيءَ جا گهروارؤ! الله تہ اهو ئي چاهي ٿو تہ توهان کان هر ناپاڪي دور ڪري ۽ توهان کي پاڪ ڪري خوب صاف سٿرو ڪري.

حضرتِ عمرو بن سليم رضی اللہُ عنہ فرمائن ٿا: هي آيتِ تطهير (يعني پاڪي بيان ڪرڻ واري آيت) اُمُ المؤمنين حضرتِ اُمِ سلمہ رضی اللہُ عنہا جي گهر ۾ نازل ٿي ۽ جڏهن هيءَ آيتِ مبارڪ نازل ٿي تہ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم حضراتِ حسنينِ ڪريمين رضی اللہُ عنہما ۽ بي بي فاطمة الزهرا رضی اللہُ عنہا کي گهرايو ۽ انهن ٽنهي کي پنهنجي مبارڪ چادر ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ دعا فرمائي: اي الله! هي منهنجا اهلِ بيت آهن، انهن کان نجاست دور فرماءِ ۽ انهن کي پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏ. ان وقت مولا مشڪل ڪشا عليُ المرتضيٰ رضی اللہُ عنہ رحمتِ عالم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي پويا بيٺا هئا. (ترمذی، 141/5،حديث:3216ملتقطاً)

## اهل بيت مان مراد ڪير؟

اهلِ بيت مان مراد ڪير آهن؟ ان حوالي سان حضرت مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رحمةُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: ان مان مراد اُمَهاتُ المؤمنين، بي بي فاطمہ، مولا علي ۽ حسنينِ ڪريمين رضوانُ اللہِ علیہم اجمعین آهن. (تفسيرخزائن العرفان،پ22،الاحزاب،تحت الآية:33 ، ص 780 )

آيتِ تطهير ڏانهن اشارو ڪندي مولانا حسن رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ ڇا خوب فرمايو آهي:

ان کی پاکی کا خدائے پاک کرتا ہے بیاں     آیۂ تطہیر سے ظاہر ہے شانِ اہلِ بیت

## افضليت ۾ ترتيب

اي عاشقانِ اهلِ بيت! جن جو شان اهو هجي جو سندن گهر ۾ حضرتِ جبرائيل علیہ السلام به بغير اجازت نه اچن، انهن سان ماڻهن ڪهڙو سلوڪ ڪيو! دنيا جي محبت، دنيا پرستي ۽ پنهنجي اقتدار کي بچائڻ خاطر انهن تي ظلمن جا جبل ڪيرايا ويا.

حسنينِ ڪريمين رضی اللہُ عنہما جو مرتبو تمام بلند آهي، پر اسان اهلِ سنت وٽ رتبي جي لحاظ کان ترتيب ڪجهه هن طرح آهي:

حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: سيئي صحابه ڪرام، اعليٰ هجن يا ادنيٰ (۽ انهن ۾ ادنيٰ ڪو به نه آهي) سڀ جنتي آهن. انبياء ۽ مرسلين کان پوءِ الله پاڪ جي سڀني مخلوق، انسانن، جنن ۽ فرشتن مان افضل صديقِ اڪبر آهن، پوءِ عمر فاروقِ اعظم، پوءِ عثمانِ غني، پوءِ مولا علي رضی اللہُ عنہم. جيڪو شخص مولا علي رضی اللہُ عنہ کي حضرتِ صديق يا فاروق رضی اللہُ عنہما کان افضل ڄاڻي، اهو گمراهه بدمذهب آهي. خلفاءِ اربعه راشدين کان پوءِ باقي عشره مبشره، حضراتِ حسنين، اصحابِ بدر ۽ اصحابِ بيعتِ رضوان لاءِ افضليت آهي. (بہارِ شریعت، 1/ 241، 249، 254حصّہ: 1)

## شانِ حسنين ڪريمين

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو شخص (اللّٰه پاڪ جو) جيترو محبوب هوندو آهي، ان جو امتحان بہ ايترو ئي سخت هوندو آهي ۽ جيئن جيئن درجا بلند ٿيندا ويندا آهن، تيئن تيئن امتحان بہ سخت ٿيندو ويندو آهي. ان کي هيئن سمجهو تہ! پهرين، ٻئي، ٽئين، چوٿين ۽ پنجين ڪلاس جو امتحان ايترو سخت نہ هوندو آهي، پر ميٽرڪ ۽ ان کان پوءِ وارن درجن جا امتحان وڏيڪ سخت هوندا آهن. اهڙي طرح جيترو درجو مٿي وڌندو ويندو آهي، امتحان بہ وڏيڪ سخت ۽ مشڪل ٿيندو ويندو آهي ۽ پوءِ مشڪل امتحان کان پوءِ جيڪا سَنَد ملندي آهي، ان جي اهميت بہ اوتري وڏيڪ هوندي آهي. حضراتِ حسنينِ ڪريمين رضی اللہُ عنهما جو امتحان بہ تمام سخت هو ۽ اهي پنهنجي امتحان ۾ ڪامياب ٿيا. اللّٰه پاڪ حضراتِ حسنينِ ڪريمين رضی اللہُ عنهما کي وڏو شان عطا فرمايوآهي. سندن شان ۾ ڪيترين ئي روايتون ۽ ايمان افروز واقعا آهن. حصولِ برڪت لاءِ انهن مان چند پيشِ خدمت آهن:

## روئڻ جو آواز ٻڌي تشريف وٺي آيا

نندپڻ ۾ هڪ ڏينهن سيد الشهداء امام حسين رضی اللہُ عنه جي روئڻ جو آواز رحمتِ عالم صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي مبارڪ ڪنن تائين پهتو تہ پاڻ سيدة فاطمة الزهرا رضی اللہُ عنها وٽ تشريف ڪٺي آيا ۽ فرمايائون: ”ڌيءَ! هن کي نہ روئارينديِ ڪر، ڇوتہ هن جي روئڻ سان مون کي دلي صدمو ٿيندو آهي. (معجم ڪبير، 116/3، حديث:2847ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضراتِ حسنينِ ڪريمين رضی اللہُ عنہما بارگاهِ الٰهي ۾ تمام گهڻا مقبول هئا ۽ الله پاڪ جا پيارا حبيب صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم به انهن سان بيحد محبت فرمائيندا هئا. ٻنهي حضرات جي زندگي الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم جي اطاعت ۾ ئي گذري، تنهنڪري جيڪو مسلمان عقيدي جي درستگي سان گڏ انهن ٻنهي شهزادن سان حقيقي معنيٰ ۾ محبت ڪندو، اِن شاءَ الله ان جا ٻيڙا پار ٿي ويندا.

## سڪل وڻ تي تازيون کجورون

اي عاشقانِ اهلِ بيت! حضراتِ حسنينِ ڪريمين رضی اللہُ عنہما پرهيزگاري ۽ سخاوت ۾ به پنهنجو مَٽُ پاڻ هئا ۽ ان سان گڏوگڏ اُهي صاحبِ ڪرامت به هئا. جيئن ته هڪ ڀيري حضرتِ امام حسن رضی اللہُ عنہ سفر دوران کجورن جي هڪ اهڙي باغ وٽان گذريا جنهن جا سيئي وڻ سُڪل هئا. حضرت عبدالله بن زبير رضی اللہُ عنہما به ان سفر ۾ ساڻن گڏ هئا. حضرت امام حسن رضی اللہُ عنہ ان باغ ۾ قيام فرمايو. خادمن هڪ سُڪل وڻ جي هيٺان آرام لاءِ بسترو وڇائي ڇڏيو.

حضرت عبدالله بن زبير رضی اللہُ عنہما عرض ڪيو: ”اي نواسهءِ رسول! ڪاش! هن سُڪل وڻ تي تازيون کجورون هجن ها ته اسان پيٽ ڀري کائون ها. اِهو ٻڌي حضرت امام حسن مجتبيٰ رضی اللہُ عنہ آهستي آواز ۾ ڪا دعا پڙهي، جنهن جي برڪت سان ڪجهه ئي گهڙين ۾ اُهو سُڪل وڻ سرسبز ۽ شاداب ٿي ويو ۽ ان ۾ تازيون پڪل کجورون اچي ويون. اِهو منظر ڏسي هڪ اُٺ چارڻ وارو چوڻ

لڳو: ”هي سڀ جادو جو ڪرشمو آهي“. حضرت عبدالله بن زبير رضی اللہ عنهما ڪيس تنبيهه ڪندي فرمايو: توبهه ڪر! هي جادو نه آهي، پر شهزادهءِ رسول جي مقبول دعا جو اثر آهي. (شواہد النبوۃ ،ص227ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ايتري عظيم الشان هستي هئڻ جي باوجود حضرت امام حسن رضی اللہُ عنہ خوفِ خدا سبب ڏڪندا ۽ ڊڄندا رهندا هئا، جيئن:

## حضرت امام حسن رضی اللہُ عنہ جي گِريه و زاري

حضرت حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ رات مان خانهءِ ڪعبه ۾ عبادت ڪري رهيو هئس ته مون هڪ شخص ڏٺو، جيڪو ڪمبل ۾ پنهنجو منهن لڪائي ڪعبة الله شريف جي دروازي وٽ بيهي اهڙي طرح روئي روئي دعا گهري رهيو هو، جيئن ڪو تمام وڏو گنهگار يا جنهن شخص کان ڪو تمام وڏو گناهه سرزد ٿي ويندو آهي ته هو هيبت سبب روئي روئي توبهه ڪري رهيو هوندو آهي. بهرحال اهو شخص سڄي رات ڇهري تي ڪمبل ويڙهي روئندو رهيو. مون سمجهيو ته هن ويچاري کان ڪو وڏو جرم سرزد ٿي ويو آهي، مون کي ان تي تمام گهڻو ترس آيو. جڏهن هو وڃڻ لڳو ته مون کان رهيو نه ٿيو ۽ مون ڪيس سڏ ڪري چيو: اي ڀاءُ! ٿورو پنهنجو مُنهُن ته ڏيکار ۽ پنهنجو نالو به ٻڌاءِ ته جيئن مان تنهنجي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪريان. منهنجي ڳالهه ٻڌي اهو شخص بيهي رهيو، هن پنهنجي ڇهري تان چادر هٽائي ۽ ارشاد فرمايو: منهنجو نالو حسن آهي. جيئن ته حضرت حسن بصري رحمۃُ اللّٰہِ علیہ امام حسن رضی اللہُ عنہ کي سڃاڻيندا هئا ۽ جيئن ئي ڇهرو ڏٺائون ته هڪدم حيران

تي ويا تہ ھي تہ سخين جا سردار مصطفيٰ ڪري جي ڪُلھن جا سُوار، نواسہءِ احمدِ مجتبيٰ، امام حسن رضی اللّٰہُ عنہ آھن. حضرت حسن بصري رحمۃُ اللّٰہِ علیہ فرمائن ٿا: مان پشيمان ٿي ڊوڙي وڃي سندن قدمن ۾ ڪري پِيس ۽ عرض گذار ٿيس: حضور! اوھان ايڏي وڏي بلند گھراڻي سان تعلق رکو ٿا ۽ اوھان جي شانِ تقويٰ ۽ شانِ عبادت جي ڪھڙي ڳالھہ ڪجي! ان جي باوجود اوھان ايتري قدر گريہ و زاري ڪريو ٿا! اِھو ٻڌي حضرت امام حسن مجتببيٰ رضی اللّٰہُ عنہ تي ھڪ ڀيرو ٻيھر رقت طاري ٿي وئي ۽ روئندي روئندي فرمايائون: اي حسن بصري! ھيءَ اُھا بارگاھہ آھي جتي وڏا وڏا ماڻھو بہ پنھنجو قدم رکندي ڊڄندا آھن. منھنجا نانا جان، رحمتِ عالميان صلی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلم منھنجي امان سائڻ کي ڪجھہ ھن طرح ارشاد فرمائيندا ھئا: ”اي فاطمہ! اھو نہ سمجھجان تہ تون منھنجي ڌيءُ آھين، پر عمل ڪر، عمل ڪر، عمل ڪر“. اي حسن بصري! چڱيءَ طرح سمجھي وٺ تہ جڏھن سيّدۃُ النساء، نورِ چشمِ مصطفيٰ، سيّدہ فاطمۃ الزھرا رضی اللّٰہُ عنھا کي عمل جي ضرورت آھي تہ پوءِ منھنجي ڪھڙي حيثيت آھي؟ حضرت حسن بصري رحمۃُ اللّٰہِ علیہ فرمائن ٿا مون تي حضرت امام حسن رضی اللّٰہُ عنہ جي رقت انگيز گفتگو جو تمام گھڻو اثر ٿيو، مون کان دانھن نڪري وئي ۽ مان بيھوش ٿي ڪري پيس. جڏھن ھوش آيو تہ حضرت امام حسن رضی اللّٰہُ عنہ واپس تشريف وٺي وڃي چڪا ھئا. (اوراق غم،ص298ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سرڪار صلی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلم جو سيدہ فاطمۃ الزھرا رضی اللّٰہُ عنھا کي ھي فرمائڻ تہ ”عمل ڪر“، دراصل عمل جي تاڪيد ۽ ترغيب آھي، نہ تہ ھڪ روايت ۾ آھي تہ نبيِ ڪريم صلی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلم اھلِ ڪبائر (يعني وڏا گناھہ ڪرڻ وارن) جي شفاعت فرمائيندا. (ترمذی، 198/4،حديث:2444)

ماخوذاً)جڏهن ڪبيره گناهه ڪرڻ وارن جي شفاعت فرمائيندا تہ پوءِ پنهنجي اهلِ بيت کي ڪيئن ڇڏيندا؟ اهل بيتِ اطهار جو شان تہ هي آهي جو اسان جهڙا گنهگار سندن دامن ۾ پناهه وٺندا. ياد رکو! جنهن جو جيترو وڏيڪ شان هوندو آهي، اهو عمل بہ ايترو ئي وڏيڪ ڪندو آهي. بهرحال اُمت جي لاءِ تاڪيد آهي تہ هو ڪنهن بہ صورت ۾ نيڪ عملن کان غفلت نہ ڪري.

## 25 پيرا پيدل حج

حضرتِ امام حسن مجتبيٰ ۽ حضرتِ امام حسين رضی اللہُ عنهما 25 پيرا پيدل حج ڪيو. (مستدرک، 160/4،حديث:4841 ، معجم کبير،115/3،حديث:2844)

## سُوارين جي هوندي بہ پيدل ڇو؟

حضرت امام حسن مجتبيٰ رضی اللہُ عنه کي ڪنهن عرض ڪيو: حضور سوارين جي هوندي توهان پيدل حج تي ڇو ويندا آهيو؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”مون کي شرم ٿو اچي تہ مان پنهنجي مالڪ ۽ مولا جي بارگاهه ڏانهن سواري تي چڙهي وڃان.“ (معرفة الصحابة ، 7/2،حديث:1769ملتقطاً)

## غلام کي آزاد ڪري ڇڏيائون

هڪ ڀيري حضرت امام حسن مجتبيٰ رضی اللہُ عنه پنهنجي خادم کي ڪاڌو آڻڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن هو ڪاڌو کڻي آيو تہ ٿاڦِڙجي پيو جنهن ڪري اُهو ڪاڌو حضرت امام حسن مجتبيٰ رضی اللہُ عنه تي ڪري پيو ۽ سندن ڪپڙا خراب ٿي ويا. جيئن تہ اُهو خادم قرآن پاڪ کي ڄاڻڻ وارو هو، تنهنڪري ان جي زبان تي هي آيتِ مبارڪ جاري ٿي وئي

وَ الْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَ الْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِؕ ترجمو كنزالعرفان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ درگذر ڪرڻ وارا آهن. يعني مؤمن جو شان اهو آهي تہ هُو درگذر ڪرڻ وارو هوندو آهي، نہ ڪي موقعي جي انتظار ۾ رهڻ وارو تہ جيئن ئي موقعو ملي تہ فوراً بدلو وٺي ڇڏي، جيئن اسان ماڻهن جو طريقو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن اسان ڪي چئن ماڻهن جي سامهون دڙڪا ڏنا هوندا آهن تہ اسين ان ڪي هزار ماڻهن جي سامهون ذليل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، جڏهن تہ اسان جا بزرگانِ دين رحمةُ اللهِ عليهم پنهنجي نفس خاطر ڪنهن ڪان بہ بدلو نہ وٺندا هئا. بهرحال جڏهن خادم اِها آيتِ مبارڪ تلاوت ڪئي تہ ان ئي وقت حضرت امام حسن رضی اللهُ عنه جي زبانِ مبارڪ تي جاري ٿيو: قَدْعَفَوْتُ عَنْكَ يعني: "مون توکي معاف ڪيو" خادم اِهي لفظ ٻڌندي ئي آيت مبارڪ جو آخري حصو تلاوت ڪيو: وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ترجمو كنزالعرفان: "۽ نيڪ ماڻهو الله جا محبوب آهن" ان تي حضرت امام حسن رضی اللهُ عنه فرمايو: اَنْتَ حُرٌّ لِوَجْهِ اللهِ يعني: "تون الله پاڪ جي رضا خاطر آزاد آهين" (تفسير روح البيان،پ4،اٰلِ عمرٰن، تحت الآية:134، 95/2 ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! ڪپڙا خراب ٿي وڃڻ جي باوجود حضرت امام حسن رضی اللهُ عنه پنهنجي خادم سان ڪهڙي طرح حُسنِ اخلاق سان پيش آيا. غور ڪريو! جيڪڏهن اسان جي ڪنهن نوڪر يا ملازم کي نوڪر لڳي وڃي تہ اسان جي واتان فوراً هن قسم جا جملا نڪرندا آهن: "انڌو آهين ڇا؟ ڏسي نہ ٿو هلي سگهين؟ آخر ايتري تڪڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ تو منهنجن ڪپڙن جو خانو خراب ڪري ڇڏيو" وغيره وغيره. ڪجھ سيٺ تہ اهڙي موقعي تي بہ چار

گاريون بہ ڪڏهن چڙهندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح ملازم گنهگار هجي يا نہ هجي، پر سيٺ ضرور گنهگار ٿي ويندو آهي. ڏسو! اسان جا بزرگانِ دين رحمۃُ اللہِ علیھم ڪيڏا نہ بااخلاق هوندا هئا جو حضرت امام حسن رضی اللہُ عنہ پنهنجي خادم کي سندس جرم جي ڪهڙي نہ پياري سزا ڏني جو کيس آزاد ڪري ڇڏيائون. اللّٰه پاڪ اسان کي انهن نفوسِ قدسيہ جي فيض ۽ برڪتن سان مالامال فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ اهلِ بيت! حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضی اللہ عنھما ٻئي شهزادا تمام وڏي عظمت وارا هئا ۽ سندن امتحان بہ ايترا ئي وڏيڪ سخت ٿيا، جيئن تہ:

## زَهر ڏئي شهيد ڪيو ويو

حضرت امام حسن مجتبيٰ رضی اللہُ عنہ کي زهر ڏئي شهيد ڪيو ويو. سندن صبر ۽ ضبط جو اِهو حال هو جو پاڻ آخري دم تائين زهر ڏيڻ واري جو نالو نہ ٻڌايائون، ڇو تہ شاهدي ضروري آهي ۽ جيستائين شاهد پيش نہ ڪيا وڃن تہ فردِ جرم عائد نہ ٿيندي آهي، تنهنڪري ڪنهن تي زهر ڏيڻ جو الزام نہ ٿو لڳائي سگهجي. بهرحال پاڻ رضی اللہُ عنہ زهر ڏيڻ واري جو نالو نہ ٻڌايائون تہ متان مان پنهنجي قياس سان ڪنهن جو نالو ٻڌايان ۽ حقيقت ۾ اُن زهر نہ ڏنو هجي تہ ان کي بنا ڏوهہ جي سزا اچي ويندي ۽ آخرڪار پاڻ رضی اللہُ عنہ شهيد ٿي ويا.

## شهادتِ علي اصغر رضی اللہُ عنہ

ٻين شهداءِ ڪربلا سان گڏ ميدانِ ڪربلا ۾ ننڍڙا علي اصغر رضی اللہ عنہ بہ موجود هئا، جن جي عمر ان وقت ڇهہ مهينا هئي ۽ اُج سبب سندن

زبان سُڪي ڪندا تي وئي هئي، پر يزيدي لشڪر تي بدبختي غالب آئي ۽ انهن مان هڪ ظالم ۽ بي رحم شخص حرمله بن ڪاهل نالي تير هلايو، جيڪو ننڍڙي علي اصغر جي ڳلي ۾ وڃي لڳو! انهن هڪ جهَٽڪو کاڌو ۽ تڙپي تڙپي ٿڌا ٿي ويا. (اوراق غم ،ص 487)

دیکھا جو یہ نظارا، کانپا ہے عرش سارا　　اصغر کے جب گلے پر ظالم نے تیر مارا

اے زمینِ کربلا یہ تو بتا کیا ہو گیا　　ننھا علی اصغر تیری گودی میں کیسے سو گیا

افسوس! ڪيڏو نہ عجيب ۽ دردناڪ منظر هو جو ڇهن مهينن جي ٻار کي بہ نہ ڇڏيو ويو! امامِ عالي مقام، امام حسين رضی اللہُ عنہ کي ان جو ڪيتري قدر صدمو رَسيو هوندو! وڏيڪ هي تہ امامِ عالي مقام رضی اللہُ عنہ پنهنجي نوجوان پٽ، هم شڪلِ مصطفيٰ حضرت علي اڪبر رضی اللہُ عنہ، پنهنجي ڀائٽي حضرت قاسم بن حسن رضی اللہُ عنهما ۽ پنهنجن ڀڻ ڀاٽيجن حضرت محمد ۽ حضرت عون رضی اللہُ عنهما کي پنهنجي اکين آڏو شهيد ٿيندي ڏٺو، بلڪ سموري خاندان کي پنهنجي سامهون ڪُسَندي ڏٺائون.

## شهادتِ امام عالي مقام رضی اللہُ عنہ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ايترن صدمن سان گڏوگڏ جيڪڏهن بک ۽ اُڃ بہ هجي تہ انسان بلڪل ٿڪي پوندو آهي، پر ان جي باوجود امامِ عالي مقام، امام حسين رضی اللہُ عنہ جي استقامت ۾ ذري برابر بہ لغزش نہ آئي، ۽ پاڻ پنهنجي تلوار ذوالفقار ڪڍي ميدان ۾ تشريف وٺي ويا ۽ دشمنن تي ٽٽي پيا. دشمنن گهيرو تنگ ڪيو، آخرڪار سيّدُ الشهداء، جگر گوشهءِ فاطمه، نورِ چشمِ مصطفيٰ، حضرت امام حسين رضی اللہُ عنہ 10 محرم شريف،

جمعي جي ڏينهن، نمازِ ظهر کان اڳ، ٽن ڏينهن جا بکيا ۽ اُڃيا رهي، پنهنجي خاندان جي نوجوانن کي خاڪ ۽ خون ۾ لپٽيل ڏسي ۽ سندن شهادتن جا صدما برداشت ڪندي زخمي حالت ۾ زمين تي تشريف فرما ٿيا، شمر ذي الجوشن سندن سيني مبارڪ تي چڙهي وينو. قريب هو جو هوُ سندن سِر مبارڪ جدا ڪري ڇڏي ها، پر پاڻ ڪيس فرمايائون: مون کي پنهنجي معبود جي بارگاهه ۾ آخري سجدو ڪرڻ ڏي. هُو سندن مبارڪ سيني تان لٿو ۽ پاڻ سجدي ۾ هليا ويا. سجدي جي ئي حالت ۾ شمر ذي الجوشن سندن سِر مبارڪ ڌڙ مبارڪ کان جدا ڪري ڇڏيو. (الکامل فی التاریخ ،3/430، 432 ملتقطاً)

شمشیر بکف قاتل ہو کھڑا  اور کوئی رہے سجدے میں پڑا
کہتی تھی زمینِ کرب وبلا  اس شان کا سجدہ کھیل نہیں

اي سيدُ الشهداء، امامِ حسين رضی اللّٰہ عنہ کي مڃڻ وارؤ! سندن نياز کائڻ ۽ کارائڻ وارؤ! توهان جن جو نياز حصولِ برڪت لاءِ شوق سان کائيندا آهيو، انهن سجدي جي حالت ۾ پنهنجو سِر ڪٽرايو هو، تنهنڪري صرف نيازي نہ بڻجو بلڪ نمازي بہ بڻجو. ياد رکو! بزرگانِ دين رحمۃُ اللّٰہِ علیہم جي ايصالِ ثواب لاءِ جيڪو کاڌو پچايو ويندو آهي، ان کي احتراماً نياز چيو ويندو آهي ۽ ائين چوڻ ۾ شرعاً ڪو حرج نہ آهي، پر بلڪل جائز آهي. نياز جو کاڌو اللّٰہ پاڪ جي نالي جو ئي هوندو آهي، پر جيڪڏهن اهو بزرگن جي ايصالِ ثواب لاءِ هجي تہ ان کي "نياز" ۽ عام ماڻهن جي ايصالِ ثواب لاءِ هجي تہ ان کي "فاتحہ" چيو ويندو آهي. اسان سيدُ الشهداء جي نياز جو ڪچڙو

شوق سان ڪائيندا آهيون، شربت ۽ ٿڌو پاڻي بہ پيئندا آهيون، پر نمازون قضا ڪري ڇڏيندا آهيون. جڏهن تہ امامِ عالي مقام، امامِ حسين رضی اللہُ عنہ تي ڏينهن بکيا ۽ اُڃيا رهي شهيد ٿيا، پر ميدانِ ڪربلا ۾ باقاعده نمازون ادا ڪندا رهيا. جيتوڻيڪ امامِ عالي مقام رضی اللہُ عنہ آزمائش جي حالت ۾ هئا، پر پوءِ بہ آخري وقت ۾ دنيا کي اهو سبق ڏنائون تہ مون کي يزيد جهڪائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، پر مون پنهنجي گهر جي ٻارن کي قربان ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي رت جو آخري ڦڙو بہ وهائي ڇڏيو، پر يزيد جي آڏو نہ جهڪيس، پر پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ جهڪيس.

اي عاشقانِ اهلِ بيت! معلوم ٿيو تہ مومن اللہ پاڪ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي اڳيان نہ جهڪندو آهي. ڀلي کو ڪيترا بہ ظلم ۽ ستم جا جبل ٽوڙي ڇڏي ڪامل مومن پاڻ کي سنڀالڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. بهرحال هي امامِ عالي مقام، حضرت امام حسين رضی اللہُ عنہ جو ئي حصو هو ۽ اللہ پاڪ جي عطا هئي جو هُو امتحان ۾ مڪمل طور ڪامياب ٿيا. مَعاذَاللہ! جيڪڏهن امام حسين رضی اللہُ عنہ يزيد جي بيعت ڪري وٺن ها ۽ ان جي اڳيان جهڪي وڃن ها تہ اچڻ واري امت لاءِ ظالم جي آڏو جهڪڻ دليل بڻجي وڃي ها، پر هُو نہ جهڪيا ۽ انهن ڪلمہءِ حق جي سَربلندي جاري رکي، ايسيتائين جو شهيد ٿي هميشہ واري زندگي ماڻيائون. آخرڪار هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو يزيد ۽ سندس لشڪر تباهہ ۽ برباد ٿي ويو ۽ اڄ ساڻن همدردي ڪرڻ لاءِ ڪو بہ تيار نہ آهي، پر اَلحمدُلِلّٰہ! امامِ عالي مقام، امامِ حسين رضی اللہُ عنہ جي عقيدت جي شمع اڄ بہ ڪروڙين دلين ۾ روشن آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امامِ عالي مقام، امامِ حسين رضی اللہ عنہ دين لاءِ قرباني ڏني ۽ پنهنجو تن، من، ڌن بلڪ سڀ ڪجھ الله جي راهه ۾ قربان ڪري ڇڏيائون، جڏهن ته اسان انهن جي قربانين جا داستان ٻڌي، جوش ۾ اچي نعرا هڻندا آهيون ۽ پوءِ دين جو ڪم ڪرڻ بدران مطمئن ٿي ويهي رهندا آهيون. هي الله پاڪ جو ڪرم آهي جو دينِ اسلام اسان تائين صحيح معنائن ۾ پهتو، پر هاڻي آهستي آهستي دين کان دوري ٿيندي پئي وڃي. جيڪڏهن اسان جي اِها ئي حالت رهي ته اسان جي نسلن جو ڇا ٿيندو؟ ڪيترائي ملڪ اهڙا آهن، جيڪي پهريان اسلام جو مرڪز هئا، پر جڏهن مسلمانن غفلت اختيار ڪئي ۽ دنيا کي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ڇڏيو ۽ صرف دنياوي علم حاصل ڪيو ته دين کان دوري سبب اتي موجود مسجدن کي تالا لڳي ويا. اڄ اسان جي حالت به ڪجھ اهڙي ئي آهي. اسان به صرف دنيا جو علم حاصل ڪري رهيا آهيون. اسان کي ڇهه ڪلما ته ڇا، پر ايمانِ مفصل ۽ ايمانِ مجمل به ياد نه آهن. نماز پڙهي رهيا آهيون، پر نماز جا فرض معلوم نه آهن. وضو ڪندا آهيون، پر وضو جي فرضن جي خبر نه هوندي آهي. ساڳيو ئي حال ٻين معاملن جو به آهي. اولاد جي صحيح معنائن ۾ تربيت نه ڪرڻ سبب صورتحال اها ٿي وئي آهي جو جنهن پيءُ پنهنجي پيٽ تي پٿر ٻڌي اولاد کي پاليو هو، اهو پٽ سندس جنازي نماز به نه ٿو پڙهائي سگهي، ڇوته هو ماڊرن هوندو آهي. ڪيس صحيح طريقي سان نماز پڙهڻ نه ايندي آهي، هن ڪڏهن پلجي به اِهو نه سوچيو هوندو ته مون کي جنازي نماز جي دعا به ياد ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيس اهو به معلوم نه هوندو ته جنازي جي نماز ۾

ڪيتريون تڪبيرون چيون ويندون آهن. ڪيترائي ماڻهو جڏهن نمازِ جنازه پڙهڻ لاءِ بيهندا آهن ته ويچارا هڪ ٻئي ڏانهن ٽيڙي اک سان ڏسي نماز پوري ڪندا آهن ۽ ڪي ويچارا ته تڪبيرن وقت عيد نماز وانگر هٿ ڪنن تائين کڻندا آهن. اهڙي طرح بس رسمي طور جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيندا آهن. غسلِ ميت جي به تقريباً اهڙي ئي صورتحال آهي جو گهر ۾ پيءُ جو لاش رکيل هوندو آهي، پر پٽ غسل نه ڏئي سگهندو آهي، ڇوته هن ڪڏهن سِکيو ئي نه هوندو آهي ته ميت کي غسل ڪيئن ڏنو ويندو آهي. پيءُ به سڄي زندگي پٽ کي ڪڏهن غسلِ ميت سکڻ جي ترغيب نه ڏياري هوندي آهي ۽ پوءِ مرڻ کان پوءِ ويچاري کي ان جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو آهي. ڏسو! جڏهن پٽ پنهنجي پيءُ کي غسل ڏيندو ته ان ۾ رِقت هوندي، سوز هوندو، درد هوندو ۽ سندس خواهش هوندي ته مان پنهنجي والد کي وڌ کان وڌ سنتن جو خيال رکندي غسل ڏيان. تنهنڪري هو ڪتابن مان غسل جو طريقو ڏسي ان مطابق غسل ڏيندو، جڏهن ته ان جي برعڪس ڪو ٻيو ماڻهو سنتن جو ايترو خيال نه ڪندو. اهڙي طرح جيڪڏهن پٽ پنهنجي پيءُ جي جنازي نماز پڙهائيندو ته سندس اکين مان لڙڪ به وهي رهيا هوندا ۽ مٿس رقت ۽ سوز جي ڪيفيت به طاري هوندي، جڏهن ته ڪو ٻيو شخص اهڙي رقت ۽ سوز سان جنازو نه پڙهائيندو.

## عقيدت جي اظهار جو بهترين ذريعو

اي عاشقانِ اهلِ بيت! امامِ عالي مقام، امامِ حسين رضی اللہ عنہ ان لاءِ قرباني ڏني ته اسلام کي باقي رکڻ ۽ اسلام جي وڻ کي سرسبز و

شاداب ڏسڻ چاهن پيا، پر افسوس! اسان پنهنجي هٿن سان سڀ ڪجهه برباد ڪري رهيا آهيون.

جتي اسان جي سموري تعليم، سمورو ڪاروبار ۽ سيئي علوم ۽ فنون دنيا لاءِ آهن، اتي اي ڪاش! اسان پنهنجو ٿورو وقت ان اسلام لاءِ به ڪڍون، جنهن کي بچائڻ لاءِ امامِ عالي مقام، امامِ حسين رضی اللہ عنه ”سيّدُ الشهداء“ جو لقب ماڻيو ۽ پنهنجي رت سان ان جي آبياري ڪيائون.


اي ڪاش! اسان به پنهنجي ٻارن کي، پنهنجي گهر ٻار ۽ ڪاروبار کي ڇڏڻ سکون ۽ امامِ عالي مقام جي نقشِ قدم تي هلندي اسان به دين جي خاطر سفر اختيار ڪريون. امامِ حسين رضی اللہ عنه جي ايصالِ ثواب لاءِ الله جي راهه ۾ نڪرون، سنتن جي رستي تي هلون، پاڻ به سنتون سکون ۽ ٻين کي به سيکاريون.

الله پاڪ اسان سڀني کي امامِ عالي مقام جي نقشِ قدم تي هلي اسلام لاءِ قربانيون پيش ڪرڻ جو جذبو عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92   0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net